امير اهل سُنّت دامت بركاتهم العاليه جي ڪتاب
”نيڪي جي دعوت“ جي هڪ قسط بنام

# ديني ماحول کان روڪڻ جو نقصان

سنڌي

- ڇا پٽ بہ ڪڏهن پيءُ کي ماريندو آهي؟
- مرڻ کان بعد وارو هوش اڏائيندڙ منظر
- مرڻ کان پهريان شامت


شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحَمَّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي
دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **ديني ماحول کان روڪڻ جو نقصان**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# ديني ماحول کان روڪڻ جو نقصان

پيشڪش المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ديني ماحول کان روڪڻ جو نقصان

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”**ديني ماحول کان روڪڻ جو نقصان**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي هميشہ ديني ماحول کان وابستہ رک ۽ والدين سميت اُن جي بي حساب بخشش فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف پڙهڻ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: پنهنجي مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي سينگاريو، بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت واري ڏينهن توهان جي لاءِ نور ٿيندو. (جامع صغير،ص 280، حديث:4580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مرڻ کان پهريان نوجوان جي ڏاڙهي گهروارن ڪوڙي ڇڏي!

پيارا اسلامي ڀائرو! صد ڪروڙ افسوس! حالات ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندا پيا وڃن، هڪ پاسي مغربي تهذيب جي يلغار، فيشن جي يرمار، فلمون ڏسڻ جي لاءِ گهر گهر ٽي وي، انٽرنيٽ، وي سي آر آهي تہ بدقسمتي سان ٻئي پاسي مسلمان سڏرائڻ وارا عملي طور سنتن کان بيزار نظر اچي رهيا آهن! دعوت اسلامي سان وابستہ اورنگي ٽاؤن ڪراچي جو هڪ نوجوان عاشق رسول جنهن جي عمر

تقريباً 20 سال هوندي، جڏهن ان جي چهري تي ڏاڙهي آئي ته ان رکي ڇڏي، ويچارو رت جي سرطان (يعني بلڊ ڪينسر BLOOD CANCER) ۾ مبتلا ٿي ويو، مان (يعني سگِ مدينہ عُفِيَ عنه) ان جي عيادت جي لاءِ اسپتال پهتس، ويچارو زندگي ۽ موت جي ڪشمش ۾ هيو، زبان سندس ساٿ نہ پئي ڏنو. چهري تان ڏاڙهي ڪوڙي وئي هئي، مان حيران ٿيس، ان مظلوم چهري ڏانهن مشڪل سان هٿ ڪنيو ۽ اشاري سان فرياد ڪيائين.. مان ايترو سمجهي سگهيس ته جڻ هُو چئي رهيو هو ته مَعَاذَالله مون نہ "ڪوڙائي آهي" منهنجي گهر وارن ننڊ يا بيهوشي جي حالت ۾ منهنجي ڏاڙهي ڪوڙي ڇڏي آهي! افسوس! ڪجھ ڏينهن کان پوءِ اهو ڏکايل نوجوان دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، الله پاڪ ان جي بي حساب مغفرت فرمائي ۽ سندس ڏاڙهي ڪوڙڻ واري کي توبہ جي سعادت بخشي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

رُوح میں سَوز نہیں، قَلب میں اِحساس نہیں
کچھ بھی پیغامِ محمد کا تمہیں پاس نہیں

## مسلمان سڏرائڻ وارن جي سنتن کان دوري

افسوس صد ڪروڙ افسوس! ڪيڏو نازڪ دور اچي ويو آهي جو اڄ مسلمان سڏرائڻ وارا پنهنجي اولاد کي زبردستي سنتن کان پري رکن ٿا، بلڪ سنتن تي عمل ڪرڻ تي ڪڏهن ڪڏهن طرح طرح جون سزائون ڏين ٿا، اهڙا اهڙا دل ڏکائيندڙ واقعا ڏنا ويا آهن جو بس الله پناهہ ڏي! ڪيترن ئي نوجوان اسلامي ڀائرن ديني

ماحول کان متاثر ٿي ڏاڙهي رکي ته خاندان ۾ ڄڻ ترٿلو مچي ويو! جيڪڏهن رُعب ڏمڪي ۽ مار سان نه مڙيا ته ڏاڙهي رکڻ جي ڪري ويچارا گهرن مان به ڪڍيا ويا، ننڊ جي حالت ۾ عاشقان رسول جي ڏاڙهين تي قينچيون هلايون ويون، دعوت اسلامي جي ديني ڪم جي آغاز کان پهريان جو واقعو آهي، هڪ نوجوان سگِ مدينه عُفِيَ عنه وٽ اچڻ وڃڻ لڳو، اٿڻ ويهڻ لڳو ان تي ماحول جو اثر ٿيڻ لڳو، ان گهر ايندي ويندي " اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ " چوڻ شروع ڪيو، بعض اوقات گفتگو دوران إِنْ شَاءَ اللهُ چئي ڇڏيندو هو! مسلمان سڏرائڻ وارن والدين جا ڪن اُيا ٿي ويا! پڇا ڳاڇا شروع ٿي وئي، پوءِ ان کان سوال ٿيو: پٽ! ڇا ڳالهه آهي اڄڪلهه سلام ڪرڻ إِنْ شَاءَ اللهُ چوڻ لڳو آهين! ان غريب سنتن جي ادنيٰ خادم سگ مدينه عُفِيَ عنه جو نالو ورتو، بس معاملو ختم، ان کي سختي سان روڪيو ويو ته خبردار! اڄ کان پوءِ ان ”مُلان“ جي صحبت ۾ تون کي ناهي رهڻو! آخرڪار اهو ويچارو ماڊرن بڻجي ويو.

وہ دور آیا کہ دیوانۂ نبی کیلئے
ہر ایک ہاتھ میں پتّھر دکھائی دیتا ہے

## ديني ماحول کان روڪيو ته هيروئني بڻجي ويو، پوءِ پڇتائيندو رهيو

ان سان ملندڙ هڪ ٻيو عبرت انگيز واقعو ٻڌو، جيئن ته هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته حيدرآباد پاڪستان جو هڪ نوجوان غالباً 1988 ۾ **دعوت اسلامي** جي ديني ماحول سان وابسته

ٿيو، نمازن جي پابندي سان گڏوگڏ چهري تي ڏاڙهي سجائي، مٿي تي عمامي شريف جون بهارون هيون، ان مدرَسةُ المُدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ بہ شروع ڪيو، ان جو تعلق هڪ ماڊرن ۽ امير گهراڻي سان هو، گهر وارن کي سندس زندگي ۾ ايندڙ مدني انقلاب سمجهہ ۾ نہ آيو، پوءِ ان جي مخالفت شروع ٿي، طرح طرح سان ان جي دل آزاري ڪئي ويندي هئي، سنتن تي هلڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽون وجهندا ۽ **دعوت اسلامي** جو ديني ماحول ڇڏڻ تي مجبور ڪندا هئا، اهو ڪڏهن ڪڏهن بيوس ٿي ڪري فرياد ڪندو هو تہ مون کي ان ديني ماحول کان پري نہ ڪيو، نہ تہ پڇتائيندؤ پر ان جي ڪنهن نہ ٻڌي، مخالفت جو اهو سلسلو تقريباً ٽن سالن کان هلندو رهيو، آخرڪار تنگ اچي ان بہ گهروارن جي سامهون هٿيار ڦِٽا ڪيا ۽ ڏاڙهي ڪوڙائي **دعوت اسلامي** جي ديني ماحول کي ”خير آباد“ چيو، وڏو ٿيءَ جيئن تہ ڊاڪٽر هيو تنهنڪري ان کي بہ ڊاڪٽر بڻائڻ جي لاءِ سردارآباد (پنجاب پاڪستان) جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخل ڪرايائين، جتي اهو هاسٽل ۾ بري صحبتن جو شڪار ٿي ڪري چرس پيئڻ لڳو، سخت بيمار ٿي ويو، گهر وارا ان کي واپس حيدرآباد وٺي آيا، والد صاحب ان جي علاج تي لکين روپيا خرچ ڪيا پر نہ صحتياب ٿيو نہ ئي سڌريو، بلڪ هاڻي اهو هيروئن جو نشو ڪرڻ لڳو، نشي جي ڪثرت جي ڪري تمام گهڻو ڪمزور ٿي ويو، ڏندن جي سفيدي بہ غائب ٿي وئي ان تي ڪاراڻ اچي وئي ۽ هاڻي تادم تحرير ان جي حالت چرين جهڙي ٿي وئي آهي، الله پاڪ جي رحمت سان ان جو والد صاحب **دعوت اسلامي** جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي چڪو آهي، ۽ اهو ويچارو گهڻو پڇتائي رهيو آهي

تہ ڪاش! ان وقت مون کي دعوت اسلامي جي اهميت سمجھ ۾ اچي وڃي ها ۽ مان پنهنجي پٽ کي **ديني ماحول** کان پري نہ ڪيان هان تہ شايد اڄ مون کي اهي ڏينهن نہ ڏسڻا پون ها، پر هاڻي پڇتائڻ جو ڪهڙو فائدو، اللّٰہ تعالٰي ان نوجوان کي نشي جي بري عادت کان بچائي وري دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اولاد جي صحيح تربيت ڪريو نہ تہ پڇتائيندو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن سچي حڪايت ۾ انهن والدين جي لاءِ عبرت ئي عبرت آهي جيڪي پنهنجي اولاد کي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت، مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت، عاشقان رسول جي صحبت ۽ ڏاڙهي ۽ عمامو شريف سجائڻ، سنتن ڀريو لباس اپنائڻ کان روڪيندا، ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ تي هر هر ٽوڪڻ، بلڪ ديني ماحول کان پري ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن، ياد رکو! اوهان جو پيارو پٽ اوهان جي جگر جو ٽڪرو ۽ پنهنجي ماءُ جي اکين جو تارو ئي سهي پر اهو نہ وساريو تہ اهو اللّٰہ پاڪ جو ٻانهو، ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو امتي ۽ اسلامي معاشري جو هڪ فرد آهي، جيڪڏهن اوهان جي تربيت ان کي اللّٰہ پاڪ جي درست طريقي سان عبادت، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون ۽ اسلامي معاشري ۾ ان جون ذميداريون نہ سيکاري سگهي تہ ان کي پنهنجو اطاعت گذار فرزند ڏسڻ جا سونهري خواب بہ نہ ڏسو، چوتہ اهو اسلام ئي تہ آهي جيڪو هڪ مسلمان کي پنهنجي والدين جي

اطاعت ۽ انهن جي حقن جي ادائيگي جو درس ڏي ٿو، ڏٺو اهو ويو آهي ته جڏهن اولاد جي تربيت ۾ غفلت جا اثر سامهون ايندا آهن ته اهي والدين هر هڪ جي سامهون پنهنجي اولاد جي بگڙڻ جي ڳالهه ڪندا آهن، انهن ڪي اهو نه وسارڻ گهرجي ته اولاد کي ان حال تائين پهچائڻ ۾ خود انهن جو پنهنجو به هٿ آهي، انهن پنهنجي ٻار کي ABC ته سيکاري، پر قرآن پڙهڻ نه سيکاريو، مغربي تهذيب جا طور طريقا ته سمجهايا پر رسول عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون نه سيکاريون، جنرل ناليج جي اهميت تي انهن جي سامهون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏنا پر فرض ديني علوم حاصل ڪرڻ جي رغبت نه ڏياري، ان جي دل ۾ مال جي محبت ته وڌي پر عشق رسول جي شمع نه جلائي، ان کي دنياوي ناڪامين جو خوف ڏياريو پر قبر ۽ حشر جي امتحان جي ناڪامي جي ڀيانڪ نتيجن کان نه ڊيڄاريو، ان کي ”هيلو هائو آر يو!“ چوڻ ته سيکاريو پر سلام جو صحيح طريقو نه ٻڌايو.

## گناهه ڪرڻ جي مادر پدر آزادي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! والدين جي طرفان پاڻمرادو مليل گناهه ڪرڻ جي آزادي، ڪيبل، وي سي آر ۽ انٽرنيٽ جي دستيابي، ناچ گانن جي محفلن جي آبادي، بگڙيل گهريلو ماحول هي سڀئي ملي ڪري ڪردار جي عظمتن کي نهايت داغدار ڪري ڇڏين ٿا، ۽ پوءِ اهڙي انسان کان سُنن ڪمن جو ٿيڻ محال نه پر نهايت ڏکيو ضرور ٿي ويندو آهي، انهيءَ ڪري والدين کي گهرجي ته پنهنجي اولاد جي ظاهري زيب ۽ زينت سٺي غذا ۽ عمدا لباس ۽

ٻين ضرورتن جي ڪفالت (يعني ذميداري نڀائڻ) سان گڏوگڏ سندن ديني تربيت جي لاءِ به ڪوشش ڪندا رهن ۽ صرف اولاد جي ئي نه پنهنجي اصلاح جي به انهن کي فڪر ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيڪو پاڻ ٻڏي رهيو آهي اهو ٻين کي ڇا بچائيندو! جيڪو پاڻ خواب غفلت ۾ هجي اهو ٻين کي ڇا جاڳائيندو، جيڪو پاڻ پستي ڏانهن وڃي رهيو هجي اهو ڪنهن ٻئي کي بلندي ڏانهن ڪيئن پهچائيندو! لهٰذا پاڻ نيڪيون ڪري، رضاءِ الٰهي حاصل ڪري، پنهنجو پاڻ کي گناهن کان محفوظ ڪري، جهنم جي هولناڪ عذابن کان بچڻ ۽ رحمتِ الٰهي سان جنّتُ الفِردوس ۾ وڃڻ آهي ۽ پنهنجي پياري اولاد کي به ان راهه تي هلائڻو آهي، ان مقصد جي حصول جي لاءِ دعوت اسلامي جو ديني ماحول هڪ زبردست نعمت آهي، قرآن ۽ حديث ۽ بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ عَلَيْهِم جي قولن جي روشني ۾ اولاد جي تربيت جو طريقو ڄاڻڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 188 صفحن تي مشتمل ڪتاب **”تربيتِ اولاد“** جو ضرور مطالعو فرمايو.

سُونا جنگل رات اندھیری ، چھائی بدلی کالی ہے

سونے والو جاگتے رہیو چوروں کی رَکھوالی ہے

(حدائقِ بخشش شريف)

شرح ڪلام رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن شعر جي معنيٰ هيءَ ٿي سگهي ٿي ته اي مسلمانو! هن دنيا جو جهنگ بلڪل ويران ۽ سنسان آهي، اونداهي رات ۽ مٿان ڪارا ڪڪر به آهن، اهڙي خوفناڪ صورتحال ۾ پهريان ته ننڊ به ناهي ايندي ۽ جيڪڏهن سمهي به رهو ته هڪدم بيدار ٿيو جو هتي حفاظت ڪرڻ وارا توهان جي

خاڪ حفاظت ڪندا ھي تہ پاڻ ڦورو آھن، يعني غفلتن ۽ نفساني خواھشن جي ھر پاسي اونداھي ڇانيل آھي. ۽ ھي نفس ۽ شيطان ھر وقت توھان جي پويان پيل آھن ان ڪي پنھنجو خيرخواھ نہ سمجھي ويھجو ڇوتہ ھي محافظ نہ بلڪ چور آھن، خبردار! ھوشيار!! جاڳندا رھو!!! ڪٿي ھي اوھان جو **ايمان** نہ چورائي وٺن.

چند روزہ ہے یہ دنیا کی بہار　　دل لگا اِس سے نہ غافِل ذی نَہار

عُمر اپنی یوں نہ غفلت میں گزار　　ہوشیار اے مَحوِ غفلت ہو شیار

ایک دن مرنا ہے آخِر موت ہے

کرلے جو کرنا ہے آخِر موت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا پٽ بہ ڪڌھن پيءُ ڪي ماريندو آھي

تَنبِيهُ الغافلين ۾ آھي تہ "سَمَرقند" جي ھڪ عالم دين حضرت ابو حَفص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن وٽ ھڪ شخص آيو ۽ چوڻ لڳو: "منھنجي پٽ مون کي ماريو آھي" انھن حيرت وچان پڇيو: ڇا پٽ بہ ڪڌھن پيءُ کي ماريندو آھي؟ ان چيو: جي ھا! ائين ئي ٿيو آھي، حضرت ابوحفص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇا ڪئي: ڇا اوھان ان کي ديني علم ۽ ادب سيکاريو آھي؟ ان شخص چيو نہ! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇا ڪئي: قرآن ڪريم سيکاريو آھي؟ ان چيو: نہ، پوءِ پڇا ڪئي تہ اھو ڇا ڪندو آھي؟ ان ٻڌايو: ٻني ٻارو ڪندو آھي، حضرت ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: "خبر اٿئي ان توکي ڇو ماريو آھي" چيائين: نہ، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي اصلاح جي خاطر ان کي چوٽ پھچائڻ جي لاءِ فرمايو: شايد

اهو صبح جي وقت گڏھ تي سوار تي جڏھن ٻني ڏانهن وڃي رهيو هوندو، ڏٺو ان جي اڳيان ۽ ڪتو ان جي پويان هوندو، قرآن شريف تہ ان کي پڙهڻ نہ ايندو هوندو جو ان کي ڪجھ روحانيّت نصيب ٿئي بس ائين غفلت ۾ ڪجھ ڳائي رهيو هوندو، انهيءَ وقت اوهان ان جي سامهون اچي ويا هوندا ان سمجهيو ڏٺو وچ ۾ آيو آهي ۽ ان کي هلاڪ ڪرڻ لاءِ ڪا شيءِ ان جي مٿي تي هنئي هوندئي! شڪر ڪيو اوهان جو مٿو ناهي ڦاٽو. (تنبيه الغافلين ص 68)

## محشر ۾ مارڪُٽ سان پيءُ جو گوشت ڇڳي ويندو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان پنهنجي اولاد کي اسلامي تربيت نہ ڏيڻ واري جو انجام! اڄ بہ بيشمار پيءُ اهڙا ملندا جن جي اها شڪايت هوندي آهي تہ اسان جو اولاد اسان کي گاريون ڏيندو آهي، اسان تي ڪاوڙ ڪندو آهي، اسان کي ماريندو آهي ۽ گهران ڪڍي ڇڏڻ جون ڌمڪيون ڏيندو آهي، بس ماءُ پيءُ جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي ان ۾ آهي تہ شريعت جي مطابق اولاد جي تربيت ڪن، نہ تہ دنيا جيڪڏهن سنورجي وئي تہ آخرت ۾ عافيت حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو، اولاد جي درست تربيت نہ ڪرڻ واري هڪ پيءُ جي باري ۾ هڪ ڏڪائيندڙ روايت ٻڌو جيئن فقيہ ابوالليث سَمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: روايت آهي تہ مرد کان تعلق رکڻ وارن ۾ پهريان ان جي گهرواريءَ ۽ ان جو اولاد آهي، هي سڀ (يعني گهر واريءَ، ٻار قيامت ۾) الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪندا: اي اسان جا رب! اسان کي هن شخص کان اسان جو حق ڏيار، ڇو تہ هن اسان کي ڪڏهن ديني معاملن جي تعليم نہ ڏني ۽ هي اسان کي

حرام ڪارائيندو هو جنهن جو اسان کي علم نہ هو، پوءِ ان شخص کي حرام ڪمائڻ تي ايترو ماريو ويندو جو ان جو گوشت لهي ويندو، پوءِ ان کي ميزان (يعني تارازي) وٽ آندو ويندو، ملائڪ جبل برابر ان جون نيڪيون آڻيندا تہ ان جو عيال (يعني ٻار ٻچن) مان هڪ شخص اڳتي وڌي ڪري چوندو: ”منهنجون نيڪيون گهٽ آهن.“ تہ اهو ان جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو پوءِ ٻيو اچي چوندو: ”تو مون کي وياج کارايو هو.“ ۽ ان جون نيڪيون ڪٽي ويندو، ائين ان جا گهر وارا ان جون سڀئي نيڪيون ڪٽي ويندا ۽ اهو پنهنجي اهل ۽ عيال ڏانهن حسرت و ياس (يعني رنج ۽ مايوسي) مان ڏسي ڪري چوندو: هاڻي منهنجي ڪلهن تي اهي گناهہ ۽ ظلم رهجي ويا آهن جيڪي مون توهان لاءِ ڪيا هئا، (ان وقت) ملائڪ چوندا: هي اهو (بدنصيب) شخص آهي جنهن جون نيڪيون ان جي گهر وارا ڪٽي ويا ۽ هي گهر وارن جي ڪري جهنم ۾ هليو ويندو. (قرة العيون ص 401)

## جيڪي گهروارن جي ڪري ديني ماحول کان پري ٿي ويا

خبر ناهي ڪيترائي اسلامي ڀائر اهڙا هوندا جن دعوت اسلامي کان متاثر ٿي ڏاڙهي شريف سجائي هوندي، ٻين فرضن ۽ واجبن ۽ سنتن تي عمل ڪيو هوندو پر گهر وارن يا ڪنهن ٻين جي طرفان ڪئي ويندڙ مخالفت جي ڪري دل ننڍي ڪري دعوت اسلامي جي سنتن ڀري ديني ماحول کان پري ٿي ويا هوندا، اهڙن جي خدمت ۾ سگ مدينہ عُفِيَ عنه جي هٿ ٻڌي مدني التجا آهي تہ **دعوت اسلامي** اوهان جي پنهنجي سنتن ڀري تحريڪ آهي، براءِ ڪرم! ان کان پهريان موٽي اچو جو موت اوهان کي دنيا جي رونقن مان ڪٽي قبر

جي تنهائي ۾ منتقل ڪري ڇڏي پوءِ اوهان کي اها حسرت ٿي ته ڪاش! دنيا ۾ رهي وڌ کان وڌ نيڪيون ڪمائي وٺان ها، اُٿو! همت ڪيو! گناهن کان حفاظت ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **دعوت اسلامي** جي سنتن ڀري ديني ماحول سان هڪ ڀيرو ٻيهر وابسته ٿي وڃو، ٿي سگهي ٿو هاڻي مخالفت نه ٿئي، يا ٿئي پر پهريان کان گهٽ ڇوته وقت سان گڏ حالات ۽ خيالات به بدلجي ويندا آهن پر ياد رکو مخالفت جي صورت ۾ اوهان کي نرمي نرمي ۽ صرف نرمي کان ڪم وٺڻو آهي ۽ گفتار ۽ ڪردار ۽ عادت ۽ طور طريقن ۾ اهڙو مدني انقلاب آڻڻو آهي جو گهر وارا به زبان حال سان چون: ”واه ڇا ڳالهه آهي **دعوت اسلامي** جي!“ اوهان جي ترغيب ۽ شوق جي لاءِ هڪ **مدني بهار** اوهان جي سامهون پيش ڪيان ٿو:

## ڪرندي ڪرندي بچي ويو

پنجاب (پاڪستان) جي ضلعي مظفر ڳڙهه جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته جڏهن مان **دعوت اسلامي** جي ديني ماحول کان متاثر ٿي ڏاڙهي شريف رکڻ شروع ڪئي ته گهر ۾ ديني ماحول نه هئڻ جي ڪري اهڙي مخالفت ٿي جو مون کي مَعَاذَالله ڏاڙهي ڪوڙائڻي پئي پر مون دعوت اسلامي سان پنهنجو ناطو نه ٽوڙيو، سنتن ڀري هفتيوار اجتماع ۾ ڪڏهن ڪڏهن حاضري ڏيندو رهيس، ان سان ڄڻ منهنجي ”بيٽري چارج“ ٿيندي رهي ۽ نمازن جي پابندي جاري رهي، ڪجهه عرصو گذرڻ کان پوءِ وري جذبو بيدار ٿيو ذهن بڻيو ۽ مون ٻيهر ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪئي، وري مخالفت

شروع ٿي ويئي، هن پيري پهرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ عرصي تائين مخالفت برادشت ڪئي، پر همت هاري وينس ۽ اَستَغفِرُالله مون ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏي، آخرڪار همت ڪري ٽيون پيرو ڏاڙهي وڌائڻ جي شروعات ڪئي پر هاڻي گهر وارن جي طرفان نالي ماتر مخالفت ٿي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ مان ڏاڙهي وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، ايستائين جو مٿي تي عمامي جو تاج به سجائي ورتو ۽ دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ رنگجي ويس ۽ مدني ڪم به شروع ڪري ڏنو، اڄ (هي سٽون لکڻ تائين) تقريباً 14 سال ٿيا آهن ڏاڙهي ساڳيءَ طرح منهنجي چهري تي ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج موجود آهي، الله تعالٰي هي سنّتون قبر ۾ گڏ کڻي وڃڻ جي سعادت عنايت فرمائي، آمين. اڄ سوچان ٿو ته جيڪڏهن مان ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي حالت ۾ مري وڃان هان ته منهنجو ڇا ٿئي ها! الله تعالٰي دعوت اسلامي جي سنتن ڀريي ديني ماحول کي وڌيڪ ترقي عطا فرمائي، جنهن مون کي تباهي جي سوڙهي گهِٽي مان ڪڍي ڪري جنت جي شاهراه تي گامزن ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي ظاهر ۽ باطن تي اهڙو مدني رنگ چاڙهيو جو هاڻي منهنجا گهر وارا بلڪ ٻيا رشتيدار به دعوت اسلامي جي برڪتن جا قائل ٿي چڪا آهن.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ　　تم آجاؤ دیگا سکھا مَدَنی ماحول

تُو داڑھی بڑھالے عمامہ سجالے　　نہیں ہے یہ ہرگز بُرا مَدَنی ماحول

سَنور جائے گی آخِرت اِن شاءَالله

تم اپنائے　رکھو سدا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش ص۶۰۴)

# مرڻ کان بعد وارو هوش وڃائيندڙ منظر

پيارا اسلامي ڀائرو! هي عهد ڪيو: چاهي ڪيتريون به سختيون برداشت ڪرڻيون پون، مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت ڏاڙهي مبارڪ چهري تي مستقل سجائڻ ۽ قبر ۾ به ساڻ کڻي وڃڻي آهي، ياد رهي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مُٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهي دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي رسالي ”ڪارا وڇون“ صفحي 4 تان شروع ٿيندڙ دل دهلائڻ وارو مضمون پيش ڪجي ٿو تَوَجُّھ سان پڙهو: اي غافل اسلامي ڀاءُ! ٿورو هوش ڪر!! مرڻ کان پوءِ تنهنجي هڪ به نه هلندي، تنهنجا ناز ۽ نخرا سهڻ وارا تنهنجا ڪپڙا به لاهي ڇڏيندا. تون ڪيڏو ئي وڏو سرمائيدار ڇو نه هجين، پر توکي اهو ئي ڪفن پارائيندا جيڪو فٿ پاٿ تي مري وڃڻ واري لاوارث کي پارايو ويندو آهي. جيڪڏهن تنهنجي ڪار آهي ته اها به گيريج (GARAGE) ۾ رهجي ويندي. تنهنجا قيمتي ڪپڙا صندوق ۾ پيل ئي رهجي ويندا . تنهنجي مال و متاع ۽ رت پگهر جي ڪمائيءَ تي وارث قبضو ڪري ڇڏيندا. ”ويجها مائٽ“ ڳوڙها ڳاڙي رهيا هوندا. ”ڏاريا“ خوشيون ملهائي رهيا هوندا . تنهنجا ناز ۽ نخرا سهڻ وارا توکي پنهنجي ڪلهن تي کڻي هلندا ۽ هڪ اهڙي ويرانيءَ ۾ کڻي ايندا جو تون ڪڏهن به انهيءَ خوفناڪ خاموشيءَ ۾ خاص ڪري رات جي وقت هڪ گهڙي به اڪيلو نه آيو هوندين، نه ئي اچي سگهندو هئين بلڪ انهيءَ جي تَصَوُّر سان ئي ڏڪي ويندو هئين. پوءِ ڪڏ کوٽي ڪري توکي مٽيءَ جي ڍير هيٺ دفن ڪري تنهنجا سيئي مٽ مائٽ هليا ويندا. تو وٽ هڪ رات ته ڇا، پر هڪ ڪلاڪ به ترسڻ جي لاءِ ڪو راضي نه

هوندو. توڙي تنهنجو لاڏلو پٽ ئي ڇو نه هجي، اهو به هليو ويندو. تون حسرتڀرين نگاهن سان مٽن مائٽن کي نگاهن کان غائب ٿيندي ڏسي رهيو هوندين، دل بيقرار ٿي رهي هوندي. ايتري ۾ به خوفناڪ شڪلن وارا ملائڪ (مُنْڪَر ۽ نَکِير) پنهنجي ڏگهن ڏندن سان قبر جي پٽين کي چيريندي تنهنجي سامهون اچي حاضر ٿيندا، انهن جي اکين مان باهه جا شعلا نڪري رهيا هوندا، ڪارا ڪارا هيبتناڪ وار مٿي کان پيرن تائين لڙڪي رهيا هوندا، توکي ڇڙٻ ڏئي اٿاري ويهاريندا. نهايت ئي سخت لهجي ۾ هن طرح سوال ڪندا: ”مَن رَّبُّكَ؟“ (يعني تنهنجو رب ڪير آهي) ”مادِينُكَ؟ “ (يعني تنهنجو دين ڪهڙو آهي) ايتري ۾ تنهنجي ۽ مديني جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هوندا، سيئي کنيا ويندا ڪنهن جي من موهيندڙ، دلربا ۽ پياري پياري صورت سامهون اچي ويندي. يا اها عظيم ۽ پياري هستي پاڻ تشريف فرما ٿيندي. ڇا عجب! تنهنجون اکيون شرم وچان جهڪي وڃن. ٿي سگهي ٿو ته تون سوچ ۾ پئجي وڃين ته نگاهون ڪٿان ته ڪيئن ڪٿان! پنهنجي بگڙيل صورت ڏيکاريان ته ڪيئن ڏيکاريان! هي ته اهي ئي منهنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن جن جو آءٌ ڪلمو پڙهندو هئس. پنهنجو پاڻ کي سندن جو غلام به چوندو هيس. پر مون محبت رسول جي نشاني پنهنجي ڏاڙهي شريف سان هي ڇا ڪيو! پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته اهو فرمايو: ”مڇون خوب پست (يعني ننڍيون ڪريو) ۽ ڏاڙهين کي معافي ڏيو (يعني وڌايو) ۽ يهودين جهڙي صورت نه بڻايو. (شرح معاني الاثار للطحاوي ج 4 ص 28)

پر افسوس! منهنجي بدبختي! مان عارضي دنيا جي سينگار ۾ غافل ٿي ويس. **فيشن** مون کي تباهه و برباد ڪري ڇڏيو.

سرڪارنامدارصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سختيءَ سان منع ڪرڻ جي باوجود مون ڏاڙهي ڪوڙائي پنهنجو چهرو يهودين يعني مدني آقاصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دشمنن جهڙو ئي بڻائي رکيو، **هاءِ افسوس!** هاڻي ڇا ٿيندو؟ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو منهنجي بگڙيل شڪل ڏسي سرڪارِ عالي وقارصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چهرو مبارڪ ڦيري ڇڏين ۽ اهو فرمائن: ”هي تہ منهنجي دشمنن وارو چهرو آهي منهنجي غلامن وارو ناهي!!“ جيڪڏهن خدانخواستہ ائين ٿيو تہ سوچ ان وقت توتي ڇا گذرندي!

نہ اُٹھ سکے گا قیامت تلک خدا کی قسم

اگر نبی نے نظر سے گرا کے چھوڑ دیا

**ايئن** نہ ٿيندو، ايئن ڪڏهن بہ نہ ٿيندو، اجا تہ تون زنده آهين، مجي وٺ! پنهنجي ڪمزور بدن تي ترس کاءُ! جلدي همت ڪر! انگريزي فيشن، فرنگي تهذيب کي ٺي طلاقون ڏئي ڇڏ ۽ پنهنجو چهرو پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پاڪيزه سنّت سان سنواري ڇڏ ۽ **هڪ مٺ ڏاڙهي** سينگاري ڇڏ. ڪڏهن بہ شيطان جي هن چڪر ۾ نہ اچ ۽ انهن وسوسن ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏي، تہ **”هينئر تہ آءُ ان قابل ناهيان ٿيو، منهنجي تہ عمر ئي ڪهڙي آهي؟ مون کي علم بہ ايترو نہ آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن دين جي باري ۾ سوال ڪيو تہ مون کي جواب نہ ايندو، مان جڏهن قابل ٿي ويندس ان ئي وقت ڏاڙهي رکندس.“** ياد رک! اهو شيطان جو ڪامياب ترين وار آهي جو انسان پنهنجي باري ۾ هي سمجهي ويهي تہ ”ها،هاڻي آءُ قابل ٿي ويو آهيان.“ ياد رکو! پنهنجو پاڻ

ڪي ”قابل“ سمجھڻ اھو ئي ”ناقابِليَّت“ جو سڀ کان وڏو دليل آھي. عاجزي اختيار ڪر! **وڏا وڏا عالم سڳورا بہ ھر سوال جو جواب ناھن ڏيندا تہ ڇا ھر سوال جي جواب ڏيڻ جي تو ڪنئي آھي؟** نفس جي دوکي ۾ نہ اچ! ۽ مڃي وٺ. توڙي ماءُ روڪي، پيءُ منع ڪري، معاشرو رنڊڪ وجھي، شاديءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي، ڪجھ بہ ٿي پوي **الله پاڪ** ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم مڃٺو ئي پوندو. تسلي رک! جيڪڏھن جوڙو لوحِ محفوظ ۾ لکيل آھي تہ تنھنجي شادي ضرور ٿي ويندي ۽ جيڪڏھن ناھي لکيل تہ دنيا جي ڪا بہ طاقت تنھنجي شادي نہ ٿي ڪرائي سگھي. زندگيءَ تي ڪھڙو ڀروسو؟

## ڏاڙھي ڪوڙائيندي ئي موت

ڪنھن سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه (راقم الحروف) کي ڪجھ ھن طرح جو واقعو ٻُڌايو ھو تہ بنگلاديش ۾ ھڪ نوجوان ڏاڙھي رکي ھئي، جڏھن ان جي شاديءَ جو وقت ويجھو آيو تہ سندس والدين ڏاڙھي ڪوڙائڻ تي کيس ڏاڍو مجبور ڪيو. نہ چاھيندي بہ حَجم وٽ وڃي ڏاڙھي ڪوڙائي گھر ڏانھن ايندي جڏھن روڊ پار ڪري رھيو ھو تہ ڪنھن تيز رفتار گاڏيءَ کيس چيپاٽي ڇڏيو، سندس ساھ نڪري ويو ۽ ان جي شاديءَ جا ارمان خاڪ ۾ ملي ويا، ماءُ پيءُ نہ بچائي سگھيا، نہ شادي ٿي نہ ڏاڙھي رھي. تہ پيارا اسلامي ڀائرو! ھوش ۾ اچو! **الله پاڪ** تي ڀروسو ڪري اڄ ئي ڏاڙھي ڪوڙائڻ کان توبہ ڪري عھد ڪريو تہ ھاڻي تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ سِڀي تہ ڪٽجي سگھي ٿي پر ھاڻي منھنجي ڏاڙھي دنيا جي ڪا بہ

طاقت مون کان جدا نہ ٿي ڪرائي سگھي. شاباس.....! مبارڪ......! مبارڪ......! مبارڪ!!!

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زلف و رِیش میں
واہ! دیکھو تو سہی لگتا ہے کتنا شاندار

(وسائل بخشش 399)

## ڏاڙهي ڪوڙڻ وارن سان آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نفرت جو عبرتناڪ واقعو

سگِ ايران خُسرو (پرويز) وٽ حضرتِ عبدالله بن حُذافہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي هٿان سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نيڪيءَ جي دعوت تي مشتمل خط مبارڪ پهتو تہ ان ظالم ۽ گستاخ خط مبارڪ کي ڏسندي ئي ڪاوڙ مان شهيد ڪري ڇڏيو ۽ ان بدزبان بڪواس ڪرڻ شروع ڪئي (...هتي اهو بي ادبيءَ وارو جملو لکڻ جي همٿ ناهي، تنهن ڪري ڪٽيو وڃي ٿو......) ان کان پوءِ سگِ ايران خُسرو (پرويز) بَاذَان کي جيڪو ان وقت يمن جو گورنر هيو ۽ عرب جا سيئي ملڪ سندس حڪمرانيءَ هيٺ سمجهيا ويندا هئا. اهو حڪم موڪليو تہ........ (هتي بہ سگِ ايران پرويز جي بڪواس کي ڪٽيو وڃي ٿو) باذان هڪ فوجي جَٿو تيار ڪيو، جنهن جي آفيسر جو نالو خَرَخَسَّره هيو، ۽ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اثر رسوخ تي گهري نظر رکڻ جي لاءِ هڪ ملڪي آفيسر بہ ان سان گڏ موڪليو، جنهن جو نالو بانوِيہ هيو. اهي ٻئي آفيسر جنهن وقت سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ پيش ڪيا ويا تہ نُبُوَّتِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي ڊبڊبي سبب سندن ڪنڌ جون رڳون ٽڙڪي رهيون هيون. اهي ماٺهو جيئن تہ آتش پرست (يعني باھ جا پوڄاري) پارسي هئا. ان لاءِ (انهن جون) **ڏاڙهيون ڪوڙيل هيون ۽ مڇون ايتريقدر وڌيل هيون جو انهن جا چپ ڍڪيل هئا** ۽ پنهنجي بادشاھ پرويز کي ”رب“ چوندا هئا. انهن جا چهرا ڏسي ڪري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڪليف پهتي، ڪراهت (يعني بيزاري) سان فرمايائون: ”توهان جي بربادي ٿئي جو اهڙي صورت بڻائڻ جو توهان کي ڪنهن چيو آهي؟“ انهن جواب ڏنو: ”اسان جي رب پرويز“ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”پر منهنجي رب تہ مون کي هي حڪم ڏنو آهي تہ ڏاڙهي وڌايان ۽ مڇون ڪترايان.“ (تاريخ الخميس ج2 ص 35 ، فتاوىٰ رضويه ج 22 ص 647)

## قيامت جو دل ڏڪائيندڙ منظر

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي تي غور فرمايو! سمجهہ ۾ نہ آيو هجي تہ ٻيهر پڙهو، خوب غور ڪريو! ہ اهڙا شخص جيڪي اڃا ڪافر آهن مسلمان ناهن ٿيا. شريعت جي حڪم کان ہ ناواقف آهن. پر جيئن تہ انهن پنهنجي فطري بناوت سان زيادتي ڪئي، چهري جي قدرتي حسن کي ختم ڪيو. سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طبيعت مبارڪ کي انهن جو اهو (يعني ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارو) فعل انتهائي ناگوار لڳو ۽ رحمة للعٰلمِين هجڻ جي باوجود فرمايائون: ”توهان جي بربادي ٿئي.“ ٿورو سوچيو! غور ڪريو! جڏهن قيامت جي ميدان ۾ سڀ گڏ ٿيندا، نفسي نفسي جو عالم هوندو، ماءُ پٽ کان ۽ پٽ پيءُ کان ڀڄي رهيو هوندو. ان وقت هڪ

ئي تہ **پاڪ ذات** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هوندي جيڪا گنهگارن جي اُميدن جو مرڪز هوندي، انهيءَ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ اقدس ۾ سيني کي حاضري ڏيڻي پوندي. ياد رکو! جيڪو جنهن حال ۾ مرندو، قيامت جي ڏينهن انهيءَ حال ۾ اٿاريو ويندو. ڏاڙهيءَ وارو، ڏاڙهيءَ سان اٿندو ۽ ڏاڙهي ڪوڙ، ڏاڙهي ڪوڙيل ئي اٿندو .

**اي محبوب** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت کي ڪترائڻ وارؤ! جيڪڏهن پياري سرڪار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان سان اِستِفسار فرمائي ورتو: "ڇا توهان مون سان محبت ڪندا رهيا آهيو؟" ظاهر آهي انڪار ڪري ئي نہ ٿا سگهون، اهو ئي عرض ڪندؤ: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان ئي اسان جا سڀ ڪجهہ آهيو، اسين اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ماءُ پيءُ، مال، اولاد سيني کان وڌيڪ پيارو سمجهندا آهيون . يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسين تہ دنيا ۾ جهومي جهومي عرض ڪندا هئاسين.

مرے تو آپ ہی سب کچھ ہیں رَحمتِ عالَم!
میں جی رہا ہوں زمانے میں آپ ہی کے لئے

**حضور** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان جي محبت جو حال تہ اهو هو جو بي قرار ٿي عرض گذار ٿيندا هئاسين.

غلامِ مصطفٰے بن کر میں بِک جاؤں مدینے میں
محمد نام پر سَودا سرِ بازار ہو جائے!

اي آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جڏهن محبت اجا وڌيڪ جذبو ڏياريندي هئي ته هي به چوندا هئاسين.

جان بھی میں تو دے دوں خدا کی قسم!
کوئی مانگے اگر مصطفٰے کے لئے

اهو سڀ ڪجهه ٻُڌي ڪري (الله پاڪ نه ڪري) جو آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرض ڪريو هي ارشاد فرمائن: "اي منهنجا غلامو! جيڪڏهن واقعي توهان مون کي ماءُ، پيءُ ۽ مال ۽ اولاد سيني کان وڌيڪ پيارو سمجهندا هيؤ ۽ رڳو منهنجي ئي خاطر دنيا ۾ زنده هيؤ، ۽ پڻ منهنجي نالي تي وڪامجي وڃڻ بلڪ جان ڏيڻ لاءِ تيار هيؤ ته پوءِ آخر ڇا سبب هيو جو شڪل ۽ صورت منهنجي دشمنن جهڙي بڻائي گهمندا هيؤ؟ ڇا توهان تائين منهنجا هي ارشاد نه پهتا هئا:

﴿1﴾ "مُڇون خوب پست (يعني ننڍيون) ڪريو ۽ ڏاڙهين کي مُعافي ڏيو (يعني وڌايو) ۽ يهودين جهڙي صورت نه بڻايو."

(شرح معاني الآثار ، للطحاوي ج 4 ص 28)

﴿2﴾ "جيڪو منهنجي سنّت اختيار ڪري، اهو منهنجو ۽ جيڪو منهنجي سنّت کان منهن موڙي، اهو منهنجو ناهي."

(ابن عساڪر ج 38 ص 127)

﴿3﴾ "جيڪو منهنجي سنّت تي عمل نه ڪري، اهو مون مان ناهي." (سنن ابن ماجه ج 2 ص 406 حديث 1846)

## جيڪڏهن آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا تہ........!

فيشن تي قربان ٿيڻ وارؤ! اهي مبارڪ ارشادات ياد ڏيارڻ کان پوءِ جيڪڏهن خدا نہ ڪري اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا تہ توهان ڇا ڪندؤ؟ ڪنهن جي دروازي تي فرياد ڪندؤ؟ ڪنهن جي دروازي تي **شفاعت** جي خيرات گهرندؤ؟ ڪير **اللّٰہ پاڪ** جي قهر ۽ غضب کان بچائڻ وارو هوندو؟ هينئر موقعو آهي، جيستائين ساهہ باقي آهي، وقت آهي، جلدي توبهہ ڪري وٺو، پنهنجي چهري کي پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري سنت سان سنواري ڇڏيو، پنهنجي چهري تي محبت جي نشاني سينگاري ڇڏيو. اها خوشفهمي ختم ڪري ڇڏيو تہ اجا تہ عمر ئي ڪهڙي آهي؟ پوءِ رکي وٺنداسين، شاديءَ کان پوءِ ڏنو ويندو! منهنجا سادا اسلامي ڀائرو! شيطان جي چڪر ۾ نہ اچو! هو ڪيترو ئي ويجهي عزيز يا دوست جي زباني توهان کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري تہ هينئر تنهنجي عمر ڏاڙهي رکڻ جيتري ناهي، پوءِ رکجانءِ. يقين مڃو اهو شيطان جو وڏو ۽ برو وار آهي. انهيءَ وار سان اُن مردود نہ ڄاڻ ڪيترن کي برباد ڪري ڇڏيو. اچو! توهان کي هڪ عبرتناڪ واقعو ٻُڌايان ٿو.

## مرڻ کان پهريان شامت

هڪ نوجوان جيڪو لڳ ڀڳ سڄو سال ”**دعوتِ اسلامي**“ جي سنّتن ڀريي ديني ماحول سان وابستہ رهيو ۽ ڏاڙهي بہ سجايائين. پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيس! شايد ڪيس خراب دوست ملي ويا. مَعَاذَاللّٰہ ڏاڙهي ڪترائي ڇڏيائين. جمعرات جو ڪراچي ۾ ٿيڻ واري

هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ غير حاضر رهيو. جمعي جي ڏينهن دوستن سان گڏ ڪراچي جي ساموندي ڪناري پڪنڪ تي ويو، پر افسوس! ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي صرف 15 ڏينهن کان پوءِ سمنڊ ۾ ٻُڏي ڪري موت جو شڪار ٿي ويو.

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے　　مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے　　زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے!

جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## فيشن پرستن جي صحبت جي نحوست

ان مرحوم نوجوان جي عمر اٽڪل 20 سال ٿيندي. ڪهڙي عمر هئي! بقول ڪنهن جي ته شايد ڏاڙهي رکڻ جي اجا عمر نه ٿي هئي! ڪٿي انهيءَ ڪري ته انتقال کان رُڳو پندرهن ڏينهن اڳ پنهنجي ڏاڙهي صاف نه ڪرائي ڇڏي! نه هرگز نه. بس ويچاري جو نصيب! بُري صحبت جو اثر! الله پاڪ ان مرحوم جي بخشش ڪري. اهو ٻُڏڻ وارو نوجوان اسان سڀني کي سمجهائڻ جي لاءِ گهڻو ڪجھ عبرت جو سامان ڇڏي ويو! جيڪو به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان پري ٿيڻ جو خيال ڪري يا سير ۽ تفريح جي شوقينن سان دوستيءَ جو رشتو جوڙي، ان کي گهرجي ته اِنهيءَ عبرتناڪ واقعي تي چڱيءَ طرح غور ڪري وٺي ته ڪٿي مان به ٻين جي لاءِ عبرت جو سامان نه بڻجي وڃان! ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجا اهي فيشن پرست دوست پاڻ ته (ناجائز ڪمن ۾) ٻڏن پر منهنجو به ٻيڙو

غرق ڪن! ۽ غور ڪريو تہ ڪٿي ائين تہ ناهي جو منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ وارا آهن ۽ انهيءَ ڪري شيطان پنهنجو پورو زور مون تي لڳائي رهيو آهي، ڪٿي ڪجهہ ڏينهن جي بُري صحبت جي نُحُوست جي ذريعي هو منهنجي پوري زندگيءَ جي ڪمائيءَ تي پاڻي نہ ڦيري ڇڏي. بي نمازين ۽ فاسقن جي صحبتن ۾ ويهڻ وارؤ! خبردار!! الله ربُّ العزت سيپاري 7 سورة الانعام جي آيت نمبر 68 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِمَّا یُنۡسِیَنَّكَ الشَّیۡطٰنُ فَلَا تَقۡعُدۡ بَعۡدَ الذِّكۡرٰی مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِیۡنَ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن ڪٿي شيطان توکي وسارائي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ . (سورة الانعام پ 7 آيت 68)

## ڏاڙهي صرف مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند جي رکو

اي مدني محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاهڻ وارؤ! ضد ڇڏيو! پنهنجي جوانيءَ تي ناز نہ ڪريو! دنياوي مجبورين ڪي حيلو نہ بڻايو! اچو! اچو! اي عاشقان رسول! اچو! رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم سان چنبڙي وڃو! سندن پروردگار ربّ غفّار کان بہ مغفرت جي خيرات گهرو، ۽ ان کان بہ معافي گهري وٺو! اها بارگاهہ ڪرم واري بارگاهہ آهي. اتان ڪوبہ سوالي مايوس ناهي ويندو. سنّت جي خيرات وٺي ڇڏيو. پنهنجي چهري تان خدا ۽ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمن جي نُحُوست جي علامت ڪي هميشہ هميشہ جي لاءِ ڌوئي ڇڏيو ۽ پياري پياري سنّت چهري تي سجايو. ۽ ها! خيال رکجو! شيطان وڏو مڪّار ۽ فريبي آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي

جو توهان انگريزن ۽ يهودين کان تہ جِند ڇڏائي ۽ ڏاڙهي سجائي ورتي، پر شيطان ٻين طريقن سان وري گهيري ونئي ۽ توهان کي ڪتي فرانسيسين جي قدمن ۾ نہ اڇلائي ڇڏي. مطلب اهو تہ ڪتي ”فرينچ ڪٽ“ يعني خشخشي ڏاڙهي نہ رکجو جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ ڪترائي هڪ مٺ کان گهٽ ڪري ڇڏڻ ٻئي حرام آهن. ڏاڙهي رکو ۽ ضرور رکو، پر پياري پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند جي رکو يعني هڪ مٺ پوري رکو.

## ڏاڙهي ڪوڙ جون 30 شامتون

**فتاويٰ رضويہ جلد** 22 ۾ ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مُٺ کان گهٽائڻ جي مذمت ۾ ”لَمعَةُ الضُّحيٰ فِي اِعفَاءِ اللُّحيٰ“ نالي هڪ رسالو آهي ان رسالي جي اختتام تي يعني **فتاويٰ رضويہ جلد** 22 صفحي 675 کان 676 تي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مُشت کان گهٽائڻ وارن جي باري ۾ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ 30 سزائن وعيدن، مذمتن جي فهرست تحرير فرمائي آهي: (طوالت جي خوف سان ان جا حوالا حذف ڪري ڇڏيا آهن جنهن کي ڏسڻو هجي اتي ڏسي وٺي) ❁ ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارا اللہ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نافرمان آهن ❁ شيطان لعين جا تابعدار آهن ❁ وڏا بيوقوف آهن ❁ اللہ پاڪ انهن کان بيزار آهي ❁ رسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيزار آهن ❁ رسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙي صورت ڏسڻ سان ڪراهت ايندي آهي ❁ يهودي صورت آهن ❁ نصراني وضع آهن فرنگين سان مُشابہ (يعني ملندڙ) آهن ❁ مجوسين (باهہ جي پوڄيندڙن) جا پيروڪار آهن ❁ هندوئن جي صورت، مُشرڪن جي سيرت آهن ❁ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

گروهہ مان ناهن ۞ انهن ئي، پنهنجي هم صورتن نصاريٰ، يهودين، مَجوسين ۽ هِندُن جي گروهہ مان آهن ۞ واجبُ التعذير (يعني سزا جي لائق) آهن، شهر بدر جي قابل آهن ۞ فطرت کي بدلڻ وارا آهن، اللّٰه پاڪ جي بناوت کي بگاڙڻ وارا آهن ۞ زناني مُخَنَّث (يعني کدڙا) آهن ۞ خدا جا عهد شڪن (واعدي خلاف) آهن ۞ ذليل ۽ خوار آهن ۞ وڏا نفرت لائق آهن ۞ مَردُودُالشَّهادة (يعني گواهي جي لاءِ نالائق) آهن ۞ پورا اسلام ۾ داخل نہ ٿيا آهن ۞ هلاڪت ۾ آهن، بربادي جا مستحق آهن ۞ دين ۾ محروم، آخرت ۾ بي نصيب آهن ۞ عذابِ الٰهي جا مُنتَظِر ۞ اللّٰه پاڪ جا سخت دشمن ۽ مَبغوض آهن ۞ صبح اللّٰه پاڪ جي غضب ۾ آهن، شام اللّٰه پاڪ جي غضب ۾ آهن ۞ قيامت جي ڏينهن ان جون صورتون بگاڙيون وينديون ۞ اللّٰه ۽ رسول صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طرفان لعنت ڪيل آهن اللّٰه پاڪ ۽ ملائڪ ۽ بشر (انسان) سيني جي انهن تي لعنت آهي فرشتن انهن جي لعنتي ٿيڻ تي آمين چئي ۞ اللّٰه تعاليٰ انهن تي نظر رحمت نہ فرمائيندو ۞ اهي بهشت (يعني جنت) ۾ نہ ويندا ۞ اللّٰه پاڪ انهن کي جهنم ۾ داخل فرمائيندو. وَالعِيَاذُبِاللّٰه (يعني ۽ ان کان اللّٰه جي پناهہ)

مکرِ شیطان میں مت آؤ بھائیو! رخ پہ تم داڑھی سجاؤ بھائیو!
چھوڑ دو فیشن مان جاؤ بھائیو! خود کو دوزخ سے بچاؤ بھائیو!
بالیقین دنیا تری ہے بیوفا اِس سے تم مت دل لگاؤ بھائیو!

# مان نهايت بگڙيل ڪردار جو مالڪ هيس

پيارا اسلامي ڀائرو! محبتِ رسول جي نشاني ڏاڙهي وڌائڻ جو جذبو جاڳائڻ، مٿي تي عمامو شريف سجائڻ جو شوق پيدا ڪرڻ، عشق رسول سان سر شار ٿي زلف رکائڻ جي سنت اپنائڻ جو ذوق نيائڻ، مدني حليي تي استقامت ماڻڻ ۽ قرآن ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هردم وابسته رهو، سنتن ڀري **مدني قافلن** ۾ سفر جو معمول بڻايو ۽ **نيڪ اعمال** جي مطابق پنهنجي زندگي جا ڏينهن رات گذاريو، اوهان جي شوق جي لاءِ هڪ **مدني بهار** پيش ڪئي وڃي ٿي، ڪراچي ۾ مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: ديني ماحول سان وابستگي کان پهريان مان نهايت بگڙيل ڪردار جو مالڪ هيس، رات جو دير تائين دوستن جي جهرمٽ ۾ کِل مذاق ۾ مصروف رهندو هيس، نه ته والدين جي عزت جو خيال هو نه ئي پنهنجي قيمتي وقت جي ضايع ٿيڻ جو احساس، منهنجي زندگي ۾ چئني پاسي غفلتن جو راڄ هو، گهر وارا منهنجي حرڪتن جي ڪري سخت پريشان هئا، مون کي سڌارڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندا هئا ڇوته نيڪ اولاد سان معاشري ۾ والدين جي به نيڪ نامي ٿيندي آهي، هڪ ڏينهن منهنجي ڀاءُ هڪ **عاشقِ رسول** سان منهنجي ملاقات ڪرائي، انهن نهايت محبت ڀري انداز سان دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري **هفتيوار سنتن ڀري اجتماع** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي ۽ **مَدرَسةُ المدينه** (براء بالغان) ۾ داخلا جي لاءِ رغبت ڏياري ۽ احڪام شريعت تي عمل جون برڪتون ۽ فضيلتون ٻڌايون، ان جي ڀرپور انفرادي ڪوشش دل تي گهڻو اثر ڪيو ۽ مان انڪار نه ڪري

سگهيس، مون مدرسة المدينہ (براءِ بالغان) ۾ داخلا ورتي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ مدرسة المدينہ (براءِ بالغان) ۾ مون کي درست مخارِج سان حُرُوف جي ادائيگي سان قرآنِ مجيد فرقانِ حميد پڙهڻ جي سعادت ملي ۽ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مطابق زندگي گذارڻ وارن عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان دين سان اهڙي محبت پيدا ٿي وئي جو اڄ جي بگڙيل حالات ۾ جڏهن چئني پاسي فيشن پرستي جو دور آهي مان چهري تي ڏاڙهي شريف ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي نہ صرف پاڻ سنتن پري زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان بلڪ سنتن جي پرچار جي پڻ ڪوشش ڪري رهيو آهيان، اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ هي سٽون لکڻ تائين مون کي ذيلي مشاورت جي نگران جي حيثيت سان مدني ڪمن جي ذميداري مليل آهي.

بُری صحبتوں سے کَنارہ کشی کر | کے اچّھوں کے پاس آکے پائے مَدَنی ماحول

تَنزُّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی | ترقّی کا باعث بنا مَدَنی ماحول

(وسائل بخشش 604)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوت اسلامي جي جامعات ۽ مدارس جو تعداد

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار ۾ انفرادي ڪوشش ۽ مَدَرَسةُ المدينہ (بالغان) جون برڪتون ظاهر آهن جنهن جي ڪري هڪ چڙواڳ نوجوان راهِ سنت تي هلي ڪري ٻين کي هلائڻ وارو بڻجي ويو، تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي منهنجي مدني اِلتجا آهي تہ پنهنجي علائقي ۾ مَدَرَسةُ المدينہ (بالغان ۽ بالغات) ۾ ضرور

داخلا ونن ۽ قرآن ڪريم نہ پڙهيل هجن تہ پڙهن ۽ جيڪڏهن تجويد سان پڙهيل آهيو تہ پنهنجي تنظيمي ذميدار سان ترڪيب ٺاهي ڪري ٻين ڪي پڙهايو، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ منهنجي معلومات جي مطابق هي سٽون لکڻ وقت تائين (14 رَمَضانُ المُبارڪ 1432ھ 15 اگست 2011) صرف پاڪستان ۾ براءِ حفظ ۽ ناظره جي ٻارن جا تقريباً 766 ۽ ٻارڙين جا 316 مدارسُ المدينہ هلايا پيا وڃن جنهن ۾ ٻارن ۽ ٻارڙين کي ملائي ڪري ڪل تعداد 72000 آهي، ۽ اسلامي ڀائرن جا مَدَرَسةُ المدينہ بالغان (عام طور تي عشاء کان پوء 40 منٽ) جو تعداد 3316 آهي ۽ اسلامي ڀينرن جي مدرسة المدينہ بالِغات (عام طور صبح 8:00 کان وني عصر تائين مختلف وقتن ۾ 1 ڪلاڪ 12 منٽ) جو تعداد 39938 آهي. ۽ (10 رَجَبُ المُرَجَّب 1432 ھ 2011/6/12) اسلامي ڀائرن جي درس نظامي جي جامعات المدينہ جو تعداد تقريباً 90 ۽ اسلامي ڀينرن جي جامعات المدينہ جو تعداد 72 آهي طلبہ جو تعداد تقريباً 6671 ۽ طالبات جو تعداد 2841 آهي.[1] انهن سڀني جامعات المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۽ مدارس المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۾ مفت تعليم ڏني ويندي آهي ۽ ان جا اخراجات مُخَيّر اسلامي ڀائرن جي عطيات سان پورا ڪيا

---

[1]...(اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ! جُون 2023 جي مطابق عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جا سڄي دنيا ۾ مدرسة المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) جو تعداد گهٽ مان گهٽ 14،290 آهي جن ۾ پڙهڻ وارن ٻارن ۽ ٻارڙين جو تعداد 4،56،773 آهي، انهن مدرسن مان حفظ القرآن مڪمل ڪرڻ وارن ٻارن ۽ ٻارڙين جو تعداد 4،76،321 آهي، جڏهن تہ حفظ و ناظره مڪمل ڪرڻ وارن جو مجموعي تعداد 593909 آهي. انهيءَ طرح سڄي دنيا ۾ جامعة المدينہ(بوائز، گرلز) جو تعداد گهٽ مان گهٽ 1،350 آهي، انهن ۾ پڙهڻ وارن شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعداد 1،18،613 آهي، جڏهن تہ فارغ التحصيل شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعداد 28529 آهي.

ويندا آهن، هر مسلمان کي درست قرآن ڪريم پڙهڻ ۽ فرض ديني علوم کان آشنا (يعني واقف) هجڻ ضروري آهي.


## قرآن ڪريم جي باري ۾ اهم مدني گل

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينه جي 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب **بهارشريعت** (جلد پهريون) صفحي 545 کان 546 تي آهي **﴿1﴾** هڪ آيت جو حِفظ ڪرڻ هر مسلمان مُڪَلَّف (يعني عاقل ۽ بالغ) تي فرض عين آهي ۽ پوري قرآن شريف جو حفظ ڪرڻ فرض ڪِفايه ۽ سورة فاتحه ۽ هڪ ٻي ننڍي سورت يا ان جي مثل ٽي ننڍيون آيتون يا هڪ وڏي آيت جو حِفظ واجبِ عَين آهي. (درمختار ج 2 ص 315) **﴿2﴾** بقدر ضرورت فِقه جي مسئلن جو ڄاڻڻ فرضِ عَين آهي ۽ حاجت کان وڌيڪ (مسئلا) سکڻ حافظ قرآن ٻڻائڻ کان افضل آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 315)

يهی ہے آرزو تعليم قرآن عام ہو جائے
تلاوت کرنا اپنا کام صبح وشام ھو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net